


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪَکَ پَنَ

علي احمد بروهي

سنڌي ساهت گهر- حيدرآباد، سنڌ.
1996ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڪَکَ پَنَ
ليکڪ: علي احمد بروهي
ڇاپو: ڄيون- 1996ع
قيمت: =/45 پنجيتاليهه روپيه

سنڌي ساهت گهر - ڪتاب نمبر 92

*KAKH PAN*
By: ***Ali Ahmed Brohi***
Published by: ***NAZ SANAI***
Chairman Sindhi Sahat Ghar
Office No. 18, Shelter Cantt: Shopping Mall
Cantonment, Hyderabad, Sindh.
Book No. 92
Price: 45/=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻه اکر

محترم علي احمد بروهي صاحب، جو مختلف مضمونن تي مشتمل هي ڪتاب "ڪکَ پَنَ" سندس مشهور ڪتاب آهي، جيڪو هن کان اڳ ٻه دفعا ڇپجي، مقبوليت ماڻي چڪو آهي. سنڌي زبان جي ڪنهن ڪتاب جو ٽيون دفعو شايع ٿيڻ به ان جي افاديت کي ظاهر ڪري ٿو.

بروهي صاحب جون تحريرون هوندئن به اسان جي تاريخ جو هڪڙو اهڙو حصو آهن، جو ان کي پنهنجي تاريخ مرتب ڪرڻ لاءِ، اڳيان آڻڻ جي هردم ضرورت رهندي، ڇو ته ان پنهنجي تحريرن ذريعي، جن ڪردارن، واقعن کي ظاهر ڪيو آهي، اُهي هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي مشاهدن ۽ تجربن ۾ آيل آهن، جيڪو نه رڳو مقبول اديب آهي پر سماج تي سندس گهري نظر پڻ آهي.

- ناز سنائي

آفيس نمبر 18
شيلٽر ڪينٽ شاپنگ مال،
ڪينٽونمينٽ. حيدرآباد، سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي ڏاهي

”وتائي فقير“ جي نالي،

جنهن مونکي پاڻ تي

کلڻ سيکاريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


١- پيش لفظ

(اول الله عليم)---------------------------- 7

٢- پنهنجي پچار

گهڻيون ڳالهيون ڇا ٻڌايان.--------------- 11

٣- نئين ڇاپي جو مهاڳ-------------------- 13

## افسانا

٤-رانجهو مداري-------------------------- 17

٥-لکي---------------------------------- 25

٦- دنياءِ باه----------------------------- 31

٧-دارالعدل------------------------------ 37

٨- ڪاريءَ وارا ڪک---------------------- 39

٩- ميرمحمد خان جي مون تي ڪاوڙ!------------ 45

## سوانح حيات

١- وياسي وينجهار—— آغا بدرالدين احمد دراني.----- 51

٢- سائين مهدي شاهه جهنڊي وارو---------------- 61

٣- ڪلجڳ جو ڪاپڙي—— فولاد فقير------------ 67

٤- ڪامريڊ مولوي نذير حُسين جتوئي------------- 75

٥- درياهي گهوڙو- غلام رسول مَلڪ------------- 81

## طنز و مزاح

١- عثمان حجم جو روزو رکڻ------------------- 89

٢- عثمان حجم جو ڏند ڪڍائڻ.----------------- 95

٣-عدوءَ موچيءَ جو راڳ سکڻ------------------ 103

٤- عدوءَ موچيءَ جو حڪيم تي قسمت آزمائڻ.----- 111

ادب جي صرافن لاءِ هي ڳالهه ذهن ۾ رکڻ اشد ضروري آهي، تہ ادب ۽ کوڙ جو پاڻ ۾ گهاٽو رشتو آهي، ۽ جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ هوند من گهڙت قصا ۽ ڪهاڻيون، خيالي افسانہ ۽ ڏند ڪٿائون ادب جي دائره کان خارج هجن ها. شاعرن کي تہ ڪوڙ ڪٿڻ لاءِ بنهہ ٻڌو ليسنڻ مليل آهي، پوءِ هو چاهي چانڊوڪي تي چادر وڇائي ويهن يا سج جي سيج تي براجمان ٿين. نثر ۾ البت ڪوڙ لاءِ حدون مقرر ٿيل آهن. جيئن هو ڳالهہ مان ڳالهوڙو يا تيليءَ مان ٿنڀ بڻائي سگهن. ليڪن ڪوڙ ڪوڙ آهي پوءِ کو تريون کوڙي هٽي يا پڀن تي اپو بيهي. آخر ڪوڙ جي ڪا خاص ڪسوٽي تہ مقرر ٿيل نہ آهي. وزن کان وڌيڪ وڌاءُ جي مصالحي باعث هر ڳالهہ حقيقت جي محور کان هٽي هڪ اهڙي مدار ڏانهن آئٽي ٿي جنهن کي چرچو يا ڪل مسخري ڪوٺي سگهجي ٿو.

ڪتاب جو ٽائٽل ماڻهن جي نالي جيان ڪا خاص معنيٰ نہ ٿو رکي. هي هر هڪ جي مرضيءَ تي منحصر آهي تہ هو پنهنجي "واندي مل جي وهيءَ" کي "ارڙڪ مرچڪ" سڏي يا "اٽ ماما گوگڙو." مقصد آهي ان وکر جو هوڪو ڏيڻ جو اندر صفحن ۾ محفوظ آهي. ان نقط نگاه کان هن ڪتاب جو اصلي نالو "ڪاريءَ وارا ڪک" رکيو ويو هو، جنهن طفيل ڪتاب جي صحيح نوعيت جو اندازه لڳائي ٿو سگهجي. ليڪن چاڪاڻ تہ هن معمولي ڪتاب کي عارفيانہ اهميت" ڏيڻ جي غلط فهميءَ جو انديشہ ۽ امڪان پيدا ٿي ٿيو، انڪري عنوان کي "ڪک پن" تائين محدود ڪرڻ وڌيڪ مناسب سمجهيو ويو. ڳل ڳچي ڳارو ڪندي ۽ ڏڪندڙ هٿن سان هي "ڪک پن" پڙهن اڳيان پيش ڪريان ٿو. گر قبول افتدزهي عزو شرف.

علي احمد بروهي
٣٨ - اي - سنڌي مسلم سوسائٽي.
ڪراچي - سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو هوندو! جي حجم نہ هجن ها تہ ماڻهن ۽ گوريلن ۾ ڪهڙو فرق ڦير رهي ها!

آءُ ذاتي طور تي مڙني ڪردارن جو ٿورائتو آهيان، جو هنن منهنجي گستاخين کي وقت بيوقت برداشت پئي ڪيو. البت مير محمد پناڻ کي مونتي ڪاوڙ ضرور هئي ۽ جنهن ۾ هو حق بجانب پڻ هيو. ڇاڪاڻ تہ اڪثر ماڻهو مضمون پڙهڻ پڄاڻان وٽس وڃي سندس ڇولو مٿي ڪري پَڪَ ڪندا هئا تہ اندر سندس پيٽ سان لوهي يا شيهي جون تاڪيون تہ ٻڌل نہ هيون. عثمان حجم کي پڻ اهڙي قسم جي مون لاءِ شڪايت هئي، جو سي آءِ ڊي جا فدوي وٽس وڃي، انهن سياسي بيانن بابت سمجهاڻي طلب ڪندا هئا، جي آءُ سندس نالي اخبار ۾ جاري ڪندو رهندو هيس.

زندگي اڄان بہ ساڳي آهي جا اڌ صدي اڳ هئي. واقعن ۽ حادثن جو زندگيءَ تي ڪو خاص اثر ڏسجي ئي ڪونہ ٿو. بلڪ مٿس انسان جي خوشي يا غم جو بہ ڪو فرق ڪونہ ٿو پوي. پر جنهن اسٽيج تي زندگيءَ جو دائمي المناڪ ناٽڪ هر وقت چالو هلي رهيو آهي تنهن ۾ انقلابي ڦير گهير ايندي ٿي رهي. شايد هن ڪارڻ تہ متان تماشبين بور نہ ٿين!

جنهن دنيا ۾ اسان ڪالهہ ديرو دمايو هيو، اڄ اها ساڳي دنيا نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هيءَ دنيا ڦيرائيون ڏيندي ڪنهن اڳهور تباهيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي ۽ اسين بہ انهيءَ مسافريءَ ۾ ساڻس همسفر آهيون. اسان ۾ ڪي ڳوڏن ۾ رڙهي رهيا آهن، تہ ڪي وري پيرين پنڌ يا گڏهہ گهوڙي يا موٽر ڪار ۾ سوار ٿي. ڪي وري هوائي جهاز ۾ اڏامي وڃي ٿا منزل تي پهچن . تڪڙ يا اٻهر ڪرڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي. اسان ۾ هر هڪ کي پنهنجي منزل مقصود تي پهچڻو آهي. لالن جي لوءِ، هڪڙا اڳي هڪڙا پوءِ!.

علي احمد بروهي
سترنهن جولاءِ، اڻويهہ سو نوي.
پرنس ڪمپليڪس - ڪلفٽن،
ڪراچي - سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



بروهڪي پوشاڪ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسجد کان نڪتو جنهن سان هڪ ڪاري لباس وارو ڪروڙ انسان به ساڻ هو. ٻار پنهنجي ساٿيءَ کي جو سنڌس والد ٿي ڏٺو، پيرسن فقير ڏانهن اشارو ڪيو ۽ ترت ڊوڙي سنڌس نزديڪ وڃي هڪ چانديءَ جو سڪو ڪشتي ۾ ڌريو. گداگر نهايت نيازي سان سرخم ڪيو ۽ مون دل ئي دل اندر ان معصوم جو شڪرانو ادا ڪيو. خبر نه آهي ته الاجي ڇو، مونکي نهايت مسرت حاصل ٿي؟ منهنجي فقير دوست، معصوم جي ڏنل بي بها تحفي کي پنهنجي پراڻي ٻوڇڻ جي ڪنڊ ۾ ڇڪي ٻڌو ۽ اڳتي جهڪي، رستو ورتائين ۽ اهڙي طرح ڪبو ٿي گهمي رهيو هو ڄڻڪ سنڌس پٺي تي اڃا به سرنڌي جو بوجهه ڌريل هو.

ان ڏينهن جيئن ته مونکي ڪو به خاص ڪم ڪونه هو مون درويش جي پٺ ورتي. هڪ ٻه پيرو ته آءٌ سنڌس بلڪل نزديڪ به اچي پهتو هيس، ليڪن آخرين گهڙيءَ تي جڏهن ٻنهي جي درميان هڪ قدم جو مفاصلو مس رهيل هو ته مان پاڻ کي روڪيو ٿي. رانجهو منهنجي پٺيان اچڻ کان بي خبر هو ۽ پنهنجي ڌن ۾ مست ٿي هلندو رهيو. اسان جي سامهون نهايت سرد هوا جا جهلڪا اچي رهيا هوا ۽ وڌيڪ سرديءَ سبب مون پنهنجي اوني اوورڪوٽ جا بٽڻ بند ڪرڻ شروع ڪيا. ائين ڪندي مون پاڻ کان سوال ڪيو ته آخر ڪهڙو سبب آهي جو مان گرم اوني اوورڪوٽ جو مالڪ آهيان ۽ ساڳئي وقت هو پيرسن درويش جو منهنجي اڳ ۾ ڏڪندو اڳتي وڌي رهيو آهي، تنهنجي پوشاڪ هڪ ڦاٽل پراڻي صدري ۽ پراڻي نفيس الفي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هئي؟ اهو ڪهڙو راز هو جو منهنجي گهر ۾ خاص طعام تيار ٿي رهيو هو ۽ هن گداگر لاءِ سڪي روٽي به ملڻ يا نصيب هئي. مون کي گرم ڪمري ۾ گرم بستري جو خيال سرديءَ جو ڪجهه حصو هٽائي رهيو هو. هو پوڙهو مسڪين جو سموري شهر جا ڌڪا کائي چڪر کائي بغير ڪنهن گرم ڪپڙن جي، پنهنجي جهوپڙي ۾ رات رهي وري ٻئي ڏينهن جي دربدرائي لاءِ تيار ٿي ٿيو. ٻنهي درميان آخر فرق ڪهڙو هو؟

انهن سوالن بنسبت ويچاريندي، مون محسوس ڪيو ته ڇا لاءِ مان مسجد نزديڪ رانجهوءَ وٽ وڃڻ کان قاصر ٿي رهيس؟ آءٌ زماني جي پاڻ سان وفا ۽ سخا، ۽ زماني جي ساڳئي وقت پيرسن سان جفا ۽ سختيءَ تي شرمسار ٿي ٿيس. مون ان وقت ائين ٿي سمجهيو ته ڄڻڪ سنڌس ڪا چيز زوري مون پنهنجي قبضي ۾ آندي آهي، جا ڪيس واپس ڏيڻ منهنجي فرض ادائي ٿيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پنهنجي انهن خيالن ۾ وڏيڪ واڌارو نہ ڪري سگهيس ڇا لاءِ تہ رانجهو هڪ مٺائي واري دڪان وٽ بيهي پنهنجي بوڇڻ جي ڪنڊ کي سڪي ڪان آزاد ڪري، معصوم ٻار جي ڏنل سوکڙيءَ کي دڪاندار اڳيان رکيو، ۽ دڪاندار کان ڪا چيز ڪاغذ ۾ ويڙهيل وٺي تکڙين وکن سان غريب آباد جو رخ ورتو. جانورن جي اسپتال پٺيان پهچڻ بعد هڪ گندي جهوپڙيءَ اندر وارد ٿيو، آءٌ منٽ ٻہ ٻاهر ترسڻ بعد جهوپڙيءَ جي اندر گهڙي ويس. ڪوٺڙي ۾ هڪ ڏئي جي جهڪي روشنيءَ سواءِ وچ تي چيٽن جي ٻاه ٻري رهي هئي، جنهن جو دونهي سبب سموري جهوپڙي گهٽيل ٿي معلوم ٿي. ڪنڊ ۾ هڪ طرف ڪان تڏي تي ٽي نڍڙا ٻار ستل هوا ۽ پر واري دريءَ مٿان ڇڪي ۾ قرآن شريف ٽنگيل هيو. ۽ هڪ پڳل کٽوليءَ تي هڪ پيرمرد ويٺل هيو. جنهن کان پڇا تي معلوم ٿيو تہ پولڙي وارو فقير پر واري ڪڙه ۾ رهيل هو. مان مليل ڏس مطابق ڪڙه نزديڪ وڃي ٽين جو دروازو آهستگيءَ سان کولي پاسي ڪان بيهي رهيس. ڏٺم تہ ست اٺ فٽ چورس جڳهہ جي وچ تي ڪاٺين جي ٻاه ٻري رهي هئي ۽ ٻاه جي نزديڪ هڪ پراڻي رلهي تي پولڙو ليٽيل هو ۽ سندس اڳيان هڪ اخباري پني تي مصري جو ڳنڍو، سيڪيل مڱ ڦرين ۽ پڳڙن جي لپ ڪن پيل هئي، فقير، ٽين جي پراڻي ونڙيءَ ۾ کير جي چڪيءَ کي ٻاه تي ڪاڙهيندي، پولڙي سان گفتگو ۾ مصروف هو ۽ چئي رهيو هيو، ”ڏس تنهنجي لاءِ گرم گرم کير ڪڙهي رهيو آهي..... کير ٻہ سٺو، مصري مليل کير..... تمام سٺي چيز ..... هن جي پيئڻ سان تون ترت خوش ٿيندين..... پهرين کير پيءُ پوءِ مال مٺايون............

پولڙي جو سڪل ۽ خشڪ هٿ لفافي ۾ پيل مڱ ڦرين ڏانهن وڌي رهيو هو. ۽ هن هڪ داڻو کڻي پنهنجو منهن ڦاٽل ڪپڙن سان ڍڪي ڇڏيو. فقير گرم کير ٿالهيءَ ۾ لاهي رکيو ۽ پولڙي مٿان پيل گودڙيءَ کي لاٿائين. پولڙي جون سرخ اکيون ۽ تکڙي ساه کڻڻ ڪري سندس سينو هيٺ مٿي ٿي رهيو هو. انکانسواءِ سندس ننڍڙو منهن رنگت ۾ پيلو ۽ ڦڪو ٿي لڳو. فقير کيس پنهنجي هنج ۾ وهاري نهايت پيار سان ماءُ جي مامتا جيان گرم کير جا چمچا کيس پيارڻ لڳو. پولڙو هڪ هٿ سان رانجهوءَ جي ڏاڙهي جي وارن کي ڦولڻ لڳو. پولڙو ان حد تائين ڪمزور ۽ بي طاقت ٿي چڪو هو جو پنهنجي گردن جهلڻ ٻہ سندس لاءِ مشڪل مسئلو ٿي نظر آيو. بعضي بعضي کيس اهڙي کنگهہ ٿي اپري جو سندس سمورو جسم ڇلڪيو ٿي. فقير نهايت غمگينيءَ سان پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌ ڪي لوڏيو ۽ پنهنجي بيمار ساٿيءَ کي هنج کان هيٺ لاهي پٿرٽي تي سمهاريو.

رانجهوءَ جي چهري تي عجب ۽ حيرت جا آثار نمودار ٿيا جڏهن سندس نظر مون تي پئي. مون ڪيس ٻڌايو ته منهنجو هن طرف کان گذر ٿيو ۽ ان وقت ڪيس هن گهر اندر ايندي ڏسي مان به ڪڍ هليو آيس ته جيئن توکي پنهنجي نئين ايڊريس کان واقف ڪري سگهان ۽ سودي مطابق مان سرندي جي لطف کان محروم نه رهان.

سرندي جو خيال ايندي مون چوطرف نظر ڊوڙائي ليڪن مونکي ڪوبه سندس نشان ڏسڻ ۾ نه آيو. رانجهوءَ منهنجي دل جو مطلب سمجهندي، ٻڌايو ته هن سرندو وڃائڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ فقط هاڻ ڳائڻ تي گذران ڪندو ٿي رهيو. مون ٻرندڙ لڪڙين جي ڍير ڏانهن نهاريندي، دريءَ مٿان هڪ اڌوراڻو بلاڪيٽ ٽنگيل ڏٺو ۽ وري اخبار تي پيل مٺاين تي نظر پيم. آخر مون سمجهيو ته سندس سرندو هن وقت ڪٿي هو.

درويش جي احوال ڏيڻ تي معلوم ٿيو ته پولڙو ٻن هفتن کان بيمار هو. مان ۽ رانجهو ٻئي پولڙي جي بستري جي ٻنهي طرفن کان جهڪي سندس حالت جو اندازو وٺڻ شروع ڪيوسين. بيمار پولڙي پنهنجي گونگي نگاهه سان مون ڏانهن مدد لاءِ ڄڻ واجهايو ٿي. سندس نڪ نهايت گرم هيو، جئن ٻارڙن ۽ ڪتن جو بيماريءَ وقت ٿيندو آهي. سندس منهن تي ڪراڙي عورت جيان ڪيئن گهنج ڏسڻ ۾ آيا ٿي. سندس ساهه تڪڙو ۽ ڦقڙن اندر "گهر، گهر" جا آواز ٻڌڻ ۾ ٿي آيا. پولڙي جي مرض سڃاڻڻ ۾ مون کي ڪا تڪليف نه ٿي، ڇاڪاڻ ته سلهه جي مرض سڃاڻڻ لاءِ ڪنهن خاص ڊگريءَ جي ضرورت نه آهي. رانجهوءَ کي تسلي ۽ دلجاءِ ڏيندي، جانورن جي اسپتال جو ڊاڪٽر وٺي آيس، جنهن پولڙي کي تپاسڻ بعد نااُميدي جو اظهار ڪيو ۽ مرض لاعلاج ڏسيائين. ڊاڪٽر ان ۾ حق بجانب هو. هڪ هفتو فقير جي ڪوٺڙي ۾ ٻاهه ٻري تنهن بعد وري ٿڌ، اونده ۽ خاموشي رهي. هي حقيقت آهي ته رانجهو کي سندس گروي رکيل سرندو واپس مليو ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندس ڪشتي ۾ پئسو يا ٽڪو ڪرندو ڏٺو ويو ۽ فقير بک وگهي نه مئو. اهو ئي هيو فقير جي زندگي جو مقصد. خدا کان هن وڌيڪ ڪجهه به گهرڻ جي تمنائي نه ٿي رکي.

بهار جي موسم ۾ مان هميشه لاءِ ڪراچي کي خيرباد چئي پنهنجي ڳوٺ جي راهه ورتم. خبر نه آهي ته هاڻ رانجهو ڪٿي آهي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڪهڙو حال آهي؟ تازو پاڪستان سرڪار گداگرن لاءِ ”ڪراچي نبڪالي“ جو قاعدو پاس ڪيو، جنهن ڪري رانجهو جي سڏ سماءُ لاءِ ڪراچي آيس، ليڪن مايوس ٿي واپس اچڻو پيو. خدا واسطي ڪنهن به شخص کي سندس پتو پوي ته ترت مونکي اطلاع ڏئي جنهن لاءِ آءٌ سندس شڪر گذار رهندس.

جيڪڏهن ڪنهن به وقت اوهان جي ڪنن تي سرندي جي تارن جو پرلاءُ پوي ته دروازي وٽ وڃي غريب گداگر کي پئسو ڏيو، ڇاڪاڻ ته مبادا هو رانجهو مداري هجي.

ليڪن اگر سندس سرندي جي آواز مان توهان کي لطف نه اچي ته ڪجهه پر پرو بيهي ڪن ڏيو. شايد ائين ڪرڻ سان اوهان کي ڪجهه لطف حاصل ٿئي. پر ڪيس نراس ڪري واپس نه ڪيو. هر حال ۾ ساڻس سخت ڪلامي نه ڪئي وڃي.... مبادا هو رانجهو هجي!

# لڪي

تصوير کي نمائش ۾ اول درجي جو شاهڪار تسليم ڪيو ويو ۽ نوجوان نقاش جو نالو هر هڪ تماشبين جي چپن تي هو. تصوير به تصوير هئي، واقعي لاجواب ۽ لاثاني ٿي ڏٺي. ائين ٿي محسوس ڪيو ويو، ڄڻ منجهس هڪ قسم جي لافاني ڪشش زنده نقش ٿيل هئي، شايد اهوئي سبب هو، جو ماڻهن جو بي پناه هجوم هن لاثاني تصوير جي اردگرد هر وقت انگشت بدندان بيٺل نظر آيو ٿي. مصوري فن جي ماهرن سندس عمر سورنهن سال قرار ڏني هئي، ليڪن جواني ۽ حسن کان به علاوه هڪڙي اهڙي لازوال چيز تصوير ۾ جذب ٿيل هئي جا جملي دنيوي عناصر کان زياده معصوم ۽ پاڪيزه ٿي محسوس ٿي.

هوءَ ڪير هئي؟ واقعي هي تصوير ڪنهن زنده انسان جو عڪس هئي يا فقط ڪنهن آسماني حور جي خيالي تصور جو نتيجو؟ ڇا هي حقيقت هئي، جيئن افواه جاري هئا ته ان تصوير جو "اصل" پاڪستان جي هڪ وڏ گهراڻي مه جبين هئي. جنهن کري سندس نالي کي پڻ مخفي رکيو ٿي ويو؟ آخر هوءَ ڪير هئي؟

ڊاڪٽر به ٻين تماشبينن جيان تصوير جي حسن کان مرعوب ٿي پنڊ پاهڻ جيان بي حس و حرڪت، ٽڪٽڪي نظر سان تصوير جو تصوري حفظ ڪندو رهيو. آخر ڪار ماڻهن جي پيڙ ۽ پنهنجي ڊاڪٽري ڊيوٽي جي احساس باعث، تصوير کي الوداع چوڻ لاءِ مجبور ٿيو. نمائش جي مرڪزي ٽاور ٽڪاءُ هڻڻ شروع ڪيا. پنج، ڇهه، ست. شام موڪلائي چڪي هئي ۽ اڃا ڪيس ڪافي مريضن کي چڪاسڻو هو... خاص طور هوءَ مهاجر ڇوڪري... جنهن تازو ويم ڪيو هو ۽ سخت تڪليف ۾ هئي. ڊاڪٽر نمائش کان ٻاهر نڪري قائداعظم جي مزار کان چڪر ڪاٽيندي تڪڙيون پرانگهون پريندي، لالوکيت واري مهاجر ڪالونيءَ ڏانهن رخ رکيو، ڪافي دير ٿي چڪي هئي ۽ اڃا ڪيس ٻه ميل پنڌ ڪاٽڻو هو.

مهاجر ڪالونيءَ ڏانهن وک وڌائيندي ڊاڪٽر ائين محسوس ڪيو ته ڄڻ هو دنيا وارن جي دنيا ڇڏي هڪ غريبن جي بستي ڏانهن گامزن ٿي رهيو هو. وڏن دڪانن ۽ وڏن رستن جو سلسلو ختم ٿيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ختم ٿي چڪي هئي. بلڪ سخاوت جا دروازا سندس لاءِ بند [illegible] ڪي لاءِ فقط هڪ رستو کليل هو. اهو ڪراچي، جو عام رستو هو. [illegible] رستو وڌيڪ پسند ڪيو ۽ ڪراچي ڪارپوريشن ۾ [illegible] ٿي. [illegible] ٻهارو هٿ ۾، هر روز ميونسپل [illegible] بندر روڊ تي ٻهاري ڏيندي ڪيس ڏٺو ويندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تري رهيو هيو تنهنجا "ر" ۽ "ب" جا اکر ميٽجي چڪا هوا، باقي الف ۽ هہ جا متيان حصا اڃا تائين سالم هئا.

هڪ ڏينهن بعد ہ اهي لفظ بہ ميسارجي چڪا، ڪاغذ جا جزا ڳري پاڻيءَ سان ملي ويا. پورا ٧٣ سال راهب جي موت بعد راهب نيازيءَ جي آخرين نشاني هن دنيا اندر ميٽجي چڪي هئي. سندس ڪوبہ نالو نشان هن صفحہ هستي تي نہ رهيو. جڻ تہ هو ڄائوئي نہ هيو. رهي نالو الله جو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مائي نکي جي هڪ يادگار تصوير (ص-25)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڊوڪيندو ڏٺو.
خبر پيس تہ امروٽ شريف ۾ سندس دوست دل زميندار جي گهر کي ڌاڙيل گهيرو ڪري ويٺا آهن تہ اتي پهچي مشين گن ڪڍي ڪوٽ مٿان نشانو وٺي ويهي رهيو. تيستائين اتان نہ هٽيو، جيستائين سکر جي پوليس اتي پهچي ڌاڙيلن کي ختم ڪيو.
جي ھوڏ اچڻ جا هوائان ٿيان، تہ پوءِ سندس نند آرام ۽ ڪاڏو پيتو زهر ٿي ويندو.. ويٺو انجنيرن سان مهاڏا ڏيندو ۽ چيڙون گڏ ڪندو. بندن تي سندس ڦيرا پيا پوندا. جي ڪٿي ڪند پيو يا ڪنهن بند تي پاڻيءَ جو زور پيو تہ اتي آغا وڃي اڪاڙو وجهندو. ڍيڪيون پيون چڙهنديون، ٻڪريون پيون ڪسنديون ۽ آغا مٿيءَ تي پلٿي ماري ويهي رهندو. ڪم ڪندڙن کي سندس "ڪهوري ڪهوري ۽ شابي شابي" پئي پوندس. ان وقت تائين سک نہ سمهندو جيستائين ھوڏ کي ڪنهن ھئي موڙ تي نہ پهچائي.
علم و ادب سان تہ عشق هوندو هيس. پاڻ پارکو ۽ قدردان هئڻ سان گڏ هميشہ اها ڪوشش هوندي هيس تہ سندس اڪثر وقت علمي رهاڻ ۾ گذري. سندس علمي دوستيءَ جو دائره حسام الدين راشديءَ کان ويندي جوش مليح آباديءَ تائين وسيع هوندو هيس.
پنهنجي زماني ۾ آغا اولين سنڌي زميندار هو جنهن لکين روپيا خرچ ڪري ڳڙهيءَ ۾ اعليٰ پيماني جي لائبريري "آشيانہ ادب" قائم ڪئي، جنهن نادر خزانہ جي پر کهور اڄ ڪلهہ اڏوهيءَ حوالي آهي.
١٩٣٧ع ڌاري ڳڙهيءَ مان هڪ هفت روزه اخبار "پيغام صلح" جاري ڪيائين. بعد ۾ سکر کان روزانہ اخبار "انقلاب" جو پايو وڌائين جا اڄ ڏينهن سوڌو باقاعدي نڪرندي رهي ٿي. هي ٻي ڳالهہ آهي تہ هاڻ منجهس اها چس ۽ سواد نہ رهيو آهي. اخباري دنيا سان گڏ ناتو نباهڻ لاءِ آغا مرحوم پنهنجي قلمي ڪاوش جو سلسلو بہ جاري رکيو.
سندس ڪجهہ مضامين اخبارن ۽ رسالن ۾ بہ شايع ٿيا. سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ ڪجهہ نادر نسخا سندس هٿ آيا، جن جي اصلاح ڪرڻ بعد اهي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڪتابي صورت ۾ ڇپايا ويا. حج کان واپسيءَ بعد پنهنجو سفر نامون "مسافر حجاز" شايع ڪرايائين.
سندس دوستيءَ جو دائره انتهائي وسيع هو. هو سنگت رکي بہ ڄاڻندو هو ۽ نباهي بہ سگهندو هو. دوستن جي انتخاب ۾ هو ڪنهن بہ خاص سطح يا درجي جو قائل نہ هو. سندس رفيقن ۾ ڪافي انداز انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن جو هو، جي غريب مسڪين ۽ لاوارث هوندا هئا. جنجي وقت بوقت مشڪل ڪشائي ڪرڻ پنهنجو فرض سمجندو هو. جن ماڻهن سان دوستيءَ جو دم ڀريندو هو ته سانت نباهڻ لاءِ سندن ڪانڻ ڪيڻ، ڪَس ڪائڻ ۽ سندن سڀ اَنگلَ سهڻ ۾ به خوشي محسوس ڪندو. وري جن لاءِ جاکوڙ ڪيائين انهن به پنهنجي وسعت آهر ساڻس واه جو ناتونباهيو.

مون آغا مرحوم جا ڪي اهڙا به غريب پر جان نثار دوست ڏٺا آهن جي سندس صحيح معنيٰ ۾ عاشق هوا. حلانڪ مرحوم جي لاڏاڻي کي ڏه سال گذري چڪا آهن پر اڄ به انهن اڳيان آغا جو نالو ڪٺندا ته سندن اکين مان بي اختيار ڳوڙها ڳڙي پوندا. جي يقين نه اچيو ته ڪِٿرهي ياسين ۾ وڃي اهو مشاهدو ماڻيو. جي ٻيو ڪو نه مليو ته علي نواز پٽني جي پڇا ڪيو. سندس اهي دوست جي "وڏا ماڻهو" هوا يا آهن تن لاءِ آءٌ ڪا ڳارنٽي ڏيئي نٿو سگهان، ڇاڪاڻ ته انهن جي دوستي ۽ برادري قادر جي ڪمن جيان بغير مقصد ۽ مطلب جي هرگز نه ٿيندي آهي. ليڪن الله کي خبرا ڇاڪاڻ ته دلين جو مالڪ مطلق اهوئي آهي. ٿي سگهي ٿو ته آءٌ غلطيءَ تي هجان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



آغا بدرالدين دراني (ص-51)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿي تي ۽ سنڌي جتي پيرن ۾. موڪري ڪشادي ڪرسيءَ تي ٽيليفون پاسي ۾ ڪيو ويٺو رهندو تہ مبادا ڪنهن دوست جو ماني موڪلڻ لاءِ نياپو اچي. ويهارو ٽيهارو گهر تہ اهڙا بہ آهن جتي سائين جي گهران يا روزانہ ڪچو سيڌو ويندڙ آهي يا پڪل ماني. ٻاهرين مهمانن کان علاوه هڪ ٻہ ٽولا مقامي مهمانن جا اهڙا بہ سائين وٽ ايندڙ آهن جي سندس ماني کائي پوءِ سندس ٽيليفون تي لاهور، پنڊي پشاور ارجنٽ ٽرنڪ ڪال ڪري ڏهہ ڏهہ منٽ مجلسون ڪري هليا ويندا آهن. سائين جو ٽيليفون بل درماهو منهن جي ماهياني پگهار کان ٻيڻو ٽيڻو ايندڙ آهي ۽ آءٌ ڪو پڇيوالو نہ آهيان.

ماني ڪارائڻ گڏ سائين پنهنجي ماني ٻارهوئي پرهيز جي پر چڱي کائيندو آهي. هي سندس خوش قسمتي آهي جو اڄان سوڙو ڪيس ڪنهن جي نظر نہ لڳي آهي. سائين ويٺو مشڪندو ۽ مرڪندو، اگر ڪراڙو ٽيڻ واقعي هڪ آرٽ آهي تہ شاہ صاحب هڪ بهترين آرٽسٽ آهي. اسانجا ٻيا وڏڙا سٺ ٻاهٺ ۾ اچڻ بعد، اهڙا تيڪ ۽ تيسي ٻاز ٽيو پون جو ساڻن ڳالهائڻ تہ درڪنار پر اسلام عليڪم چوڻ تي بہ ڳارين کان بچڻ هڪ مشڪل معاملو آهي. سائينءَ سان مذاق ڪيو، چٿرون ڪيو، ۽ هنج ۾ ويهوس تہ بہ ويٺو ٽهڪ ڏيندو.

ٻڌو اٿم تہ سائين ڪتا بہ پاليندو آهي. ٿي سگهي ٿو. هي هڪ لازمي چيز آهي. جنهن انسان جو هر انسان سان ايترو انس هجي تہ هي ڪٿڻ ممڪن آهي تہ هو انسان جي بهترين جاندار دوست کي نظر انداز ڪري سگهي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ مهدي شاہ ۾ اهڙيون ٻيون بہ ڪي خاميون هجن. ضرور هونديون آخر تہ هو انسان آهي. هر انسان خطا جو گهر آهي ۽ خطا کان خالي الله جي ذات آهي ۽ سائين ذات جو سيد آهي. ليڪن قسم مونکي سچي سيد جو، تہ مونکي منجهس ڪا ڪوتاهي نظر نہ آئي. شايد اهي ٻسي سگهن جن جي اکين تي الٽا چشما پيل هجن. جيستائين سندس نج سون جي دل، سنڌ ۽ سنڌين لاءِ بي پايان والهانہ محبت ۽ هر مهمان جي دل جي خلوص سان خدمت جو تعلق آهي تہ سائينءَ تاجي پيٽي پٽ آهي. مونکي تہ سائين، سچي ڳائي گهہ ۽ سچي ماهي کير مثل هڪ سچو سنڌي نظر آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سائين مهدي شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪلجڳ جو ڪاپڙي فولاد فقير

الله آهي ۽ هر جاءِ حاضر ناظر آهي، اهو ايمان اٿم. ليڪن الله آهي ۽ خيرپور ميرس جي هڪ ڳوٺڙي ۾ جيئرو جاڳندو دونهين دکايو ويٺو آهي، اها خبر تڏهن پيم، جڏهن نوڪريءَ سانگي اچي خيرپور ۾ وارد ٿيس.

يقين ٿي نه ٿي آيم، ته ڪو اهڙو به خدا جو بندو هن جهان ۾ موجود آهي، جو ڪائونسلن ۽ اسيمبلين جي ميمبري ڇڏي، الله جي آئٽي نپٽي ۽ سچي سيٽ لاءِ ڪو ڪئنڊيٽ ڪري ٿيندو هجي. ڇاڪاڻ ته، هين ادارن جي ميمبريءَ مان ڪجهه نه ڪجهه ڪرتيل ضرور حاصل ٿيو ٿي، ليڪن الله سڏائيندي، پتو پاڙو يا الائونس ته ڪونه ٿي مليو، پر رڳو ويلي ويلي لعنت ملامت علاوه وقتي دانگيءَ جي منهن تي مالش سان گڏ، ڪامريڊ گڏه جي ابتي سواري به پلئه ٿي پيئي.

پار پتا پڇا ڪندي معلوم ٿيو ته خيرپور ميرس کان ويهارو ميل مفاصلي تي ٿري شهر لڳ، مينگهي شر فقير جي ڳوٺ ۾ "فولاد" نالي هڪ درويش ديرو دمايون ويٺل هو، جنهن نه فقط معراج جي حاجي هئڻ جي دعويٰ ٿي ڪئي، پر خود خدا هئڻ جي دمزني پڻ ٿي هنئي. حالانڪ سائنس ملن مولوين طرفان ڪافي عقوبتون ڪيون ٿي ويون ۽ ڪيس ڪجهه دفعا شرعي تعذير پڻ ڏنا ٿي ويا، پر هيءُ يار " سيهڙ ٽنڪون تي چوٽون پچ" مثل پنهنجي هوڏ کان هيٺ مور نه ٿي لٿو.

ويٺي واجهه وڌم ته من نه من ڪو موقعو ملي ته ان مانجهي مڙس جو مهاندو پسان. ان موقعي لاءِ ڪو گهڻو عرصو انتظار ڪرڻو نه پيو. خوش قسمتيءَ سان ادر نبي بخش بلوچ پڻ تن ڏينهن ڪمن ڪنير جي ڏور جا بيت ڏوريندي اچي خيرپور ميرس سهڙيو. سائنس حالي احوالي ٿيندي، "فولاد فقير" جو ذڪر خير چوريو ويو. بلوچ صاحب جي شامل راءِ ٿيڻ شرط ٿي مسافري لاءِ ترت سانباهو ڪيو ويو. پنهنجي ڏاري يار اسماعيل نون جي تاريخي جيپ ۾ سوار ٿي معراج پسڻ هليا سون.

ماه جون جي مالڪ مار گرمي، ڪچو ۽ ڪڙ ٻڙ رستو ۽ وري نون صاحب جي قديمي جيپ جا جهاڪا ۽ جهاٻا! ميل ٻن اندر ٻنيوئي ٻي پاسي ٿي پيوسون. رستي جي صحت ۽ سنوت جو عالم هي هو، جو اگر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي تہ پوءِ اهو سوچڻ بي معنيٰ آهي تہ ڪهاڙي زور سان هڻجي يا آهستي. جيترو زور سان وار ڪيو ويندو اوترو جلد وڻ ڪپبو."

اهوئي سبب آهي جو سنڌس مذاق اگرو، ڪڙو ۽ چڀندڙ آهي. انڪري سڌس مذاق جو اولين رد عمل ٺهڪڙو ۽ بعد ۾ ترت ئي لاحول ولا پڙهڻو ٿو پوي. جيئن ڪو سگهو ۽ سپر ماڻهو ڪيلي جي کل تان ڪري پوي تہ ان حالت ۾ ڏسندڙ کان بي اختيار امالڪ کل نڪري ويندي. پر جڏهن کلندڙ کي احساس ٿيندو تہ ٿلهي جي چنگهہ يا ٻانهن ڀڄي پئي آهي تہ پوءِ سنڌس کل خاموشيءَ سان هڪدم افسوس جي اظهار ۾ تبديل ٿي ويندي. نذير حسين جي عوام ۾ مقبول عام هئڻ جو واحد باعث هي آهي تہ سنڌس مذاق جو دائره اڪثر ترمذهب تائين وسيع پئي رهيو آهي. مذهب ۽ انسان جي ساک پت اهڙيون شيون آهن جن لاءِ مذاق جي ڇيڙ ڇاڙ گوارا ڪري نہ ٿي سگهجي. هي برابر آهي تہ نذير حسين جو دلي مقصد هي ئي رهيو آهي تہ مذهبي بدعتن ۽ دقيانوسي ۽ اڳين مذهبن جي يادگار رسمن رواجن خلاف جهاد ڪيو وڃي. ليڪن جملہ بدعتن کي تبليغ ذريعي ختم ڪري سگهجي ٿو پر مذاق ذريعي هرگز نہ.

اها پڻ حقيقت آهي تہ نذير حسين ڪو اولين انسان نہ آهي جنهن مذاق ۽ نڪتہ چينيءَ کي مذهبي اصلاح جو ذريعو اختيار ڪيو هجي. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي مرد مجاهد ٿي گذريا آهن جن طنز و مزاح کي ديني سڌاري جي راه ۾ بطور هٿيار جي استعمال ڪيو آهي. جيئن تہ "وتايو فقير". آنڌو فقير پير ڳوٺ وارو ۽ ملان لتر وغيره. ليڪن هي انهن جي خوش قسمتي هئي جو هو پنهنجي بچاءُ ۾ اڳواٽ مري چڪا آهن ۽ ملان جي قهري دست رس کان محفوظ ٿي چڪا آهن.

ازانسواءِ اسين سنڌي فطري طور تي مجاور قوم آهيون ۽ هر جيئري جي پڳ ۾ اسان جا هٿ هوندا آهن. پر هڪ وار هو مري پوي پوءِ سنڌس ٽيجها ۽ ٻارها ڪرڻ ۽ سنڌس ياد ۾ روج راڙو ڪرڻ ۽ مرثيہ پڙهڻ تہ ڪو اسان کان سکي.

مولوي نذير حسين پنهنجي مسڪيني حال مطابق اسان سنڌي مسلمانن ۾ جي پير پرستي قبر پرستي ۽ شرڪ ۽ جهل واريون ريتون ۽ رسمون رواج ۾ آهن. تن خلاف توڪل جو ترهو ٻڌي اڪيلي سر ۽ لڳاتار جهاد پئي جوٽيو آهي. پر کلندي ۽ کلائيندي.

پوءِ هي ٻي ڳالهہ آهي تہ ائين ڪندي مٿس ڪيئي آپدائون آيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وندر وروnhه پڻ درياه جي اوسي پاسي وارن سرن ۽ ڪانهن جي ٻوڙن سان ٽيندي رهندي هئي. جڏهن اڪيلو يا دلگير ٿيندو هو تہ پهرن جا پهر ڪنڌيءَ ڪناري ويهي، درياه جي وهڪري کي گهوري ڏسندو رهندو هيو. پاڻيءَ سان سندس والهانہ محبت هئي ۽ هو درياه جي موج مستي کي ڏسي اٿين پيو خوشيءَ کان ٽڙندو رهندو هيو، جيئن ڪا پهرياڻي ماءُ پنهنجي ننڍڙي پٽ کي ٽپاٽينگ ڏيندو ڏسي ٽرندي آهي ۽ سندس هر انگ جي حرڪت تان وار وار صدقي ويندي آهي. هيءَ خبر غلام رسول کي بہ ڪانہ هئي تہ درياه سان سندس ڳوڙهي نسبت ڪهڙي سبب هئي؟ آخر هو ڪو فيلسوف ٿورو ئي هو، جو وڃڻو قدرت ۽ قسمت جا ڦورا ڦولهي. هو سادو سودو مسلمان ماڻهو هو ۽ ڪيس ڪهڙي خبر تہ درياه جي وهڪري، وقت ۽ زندگيءَ جي گذر درميان چوليءَ دامن جو ابدي رشتو هيو ۽ ٽلهي ليڪي ٽيئي هڪ هوا.

آخر ڪار غلام رسول اڄ ننڍو سيان وڏو تانجو اچي جواڻ جماڻ ٿيو. وقت گذرندو رهيو ۽ درياه بنسبت جي ڪيس ڊپ ڊاءُ ڏنا ويا هوا ۽ جي وچوارن غلط فهميون پيدا ڪيون هيون، سي ختم ٿينديون رهيون. آخر پيار جو اهڙو مرحلو بہ آيو، جو غلام رسول جو اڪثر واندو وقت درياه جي قربت ۾ گذرڻ لڳو. هي اهو زمانو هيو جو غلام رسول پنهنجي اندر جا راز درياه سان وڏي واڪي سلڻ لڳو. ٿورڙي ئي عرصي اندر درياه بہ پنهنجي دستوري حضور شرمي ڇڏي، ساڻس سور سلڻ جو سلسلو شروع ڪري ڏنو. هاڻ ٻنهي درميان حجاب ختم ٿي چڪو هيو ۽ غلام رسول، جيئن گونگي جي ٻولي گونگي جا ماءُ سمجهندي آهي، تيئن درياه جي هر رمز ۽ راز کي پروڙڻ لڳو.

هونئن بہ هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ سنڌ ۽ سنڌين جو سنڌو درياه سان رت جو رشتو آهي ۽ هئڻ بہ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جو جدامجد ۽ معمار آهي ئي سنڌو. سنڌوءَ ڪروڙها ٽن لٽ جا دور دراز مفاصلن کان آڻي، هن ملڪ کي بڻايو ۽ هر سال ڌڪا ڏيئي سمنڊ کي اڳيرو ڀڃايو. نہ فقط سموري سنڌ جي تعمير ڪيائين پر سنڌ وارن جي گذر سفر جو ذمو بہ پاڻ تي کنيائين. آمريڪن ايڊ تہ اڃا ڪالهہ، هيترين صديون سنڌ کي ڪنهن ٿي پاليو؟ شايد اهوئي سبب هيو جو سنڌين جو اوائلي ۽ اولين ڌرم هيو "پاڻيءَ جي پوڄا" ۽ پوڄارين کي "درياه پنٿي" سڏيو ويندو هيو.

اڄ ڏينهن سوڌو "درياه پنٿين" جا آثار موجود آهي، لال بکر، زنده



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ قصو ڪجهه اور آهي. درياهه آهي، پر دريائو مل لڏي هليو ويو جو درياهه جو پوڄاري هيو. باقي رهيو دريا خان. اهو پاڻ خان، هاڻ انجي درياهه سان دوستي ڪيئن ٽٽي؟ انڪري جڏهن تنجائي هليا ويا تہ هاڻ گهڻا ڪير ڏئي؟ اسان مان درياهه دلي ئي ختم ٿي ويئي. ڪڏا تہ درڪنار پر ڪو پاڙي وارن ڪي ٽي ٽڪر ڀيو ڪونہ ٿو ڏئي، حالانڪ اسانجي سهڻي سائينءَ جي حديث آهي تہ جيڪڏهن اوهان جي پاڙي اوڙي ۾ ڪو بکايل موجود آهي تہ اوهان تي ماني حرام ٿي وڃي ٿي. خير، مقصد هيو هي چوڻ، تہ رفتہ رفتہ درياهه ۽ سنڌين درميان شڪر رنجي پيدا ٿي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪن چغلخورن اهڙيون سچيون ڳالهيون ڪري ڌرين درميان غلط فهمي پيدا ڪئي هجي. يا وري درياهه ڪي ڀرغلايو ويو هجي. ڪن جو هي چوڻ آهي تہ "سهڻيءَ" جي پاراتي وڃي هٽي هنڌ ڪيو ۽ درياهه ڪي جي ڌمڪيون ڏنيون هئائين تہ "درياهه تو ٿي دانهن ڏيندس ڏينهن قيام جي." ان بعد ٻنهي جا تعلقات اهي نہ رهيا جي اصل کان هوا. هاڻ تہ سنڌين ٻہ درياهه سان بائڪاٽ ڪري ڇڏي آهي ۽ سندن درياهه سان واسطو فقط محرم جي تابوتن ٺارڻ تائين محدود آهي.

پر غلام رسول تي سنڌو ۽ سنڌين جي گهرو لڙاين جو ڪو اثر ڪونہ پيو. هو درياهه سان "تومن شدم ۽ تومن شديءَ" واري اصول تي هميشہ ڪيرڪند رهيو. جوانيءَ ۾ جڏهن غلام رسول ڪي هيءَ ضرورت پيش آئي تہ پنهنجي گذر سفر لاءِ ڪو نہ ڪو ذريعي معاش تلاش ڪري، تہ هن درياهه کان دور رهڻ جو وڇوڙو برداشت ڪرڻ کان هي بهتر ڄاتو تہ اهڙو ڪاروبار ڪيو وڃي جو پريت ٻہ رهجي اچي ۽ پيٽ گذران لاءِ پورهيو ٻہ ٿيندو رهي. ان آچار آبپاشي جي کاتي ۾ بطور بيلدار جي وڃي ڀرتي ٿيو ۽ کيس مقامي طور درياهه جي ڪنڌي ڪنارن وارن بندن جي سار سنڀال تي مقرر ڪيو ويو.

ملازمت دوران جڏهن غلام رسول کاتي جي عملدارن سان لهہ وچڙ ۾ آيو تڏهن کيس خبر پيئي تہ اهي سڀ انجنير حقيقت ۾ درياهه جي خلاف هوا ۽ سندن درياهه ۾ ڪا خاص دلچسپي يا سائنس همدردي ڪانہ هئي. هنن هميشہ درياهه کي هڪ خطرناڪ ۽ خوفناڪ اژدها جيان ٿي تصور ڪيو ۽ سدائين کيس نيچو نوائڻ لاءِ سازشون ٿي ڪيائون. ڪن درياهه کي بندن جي قيد ۾ چوڪنيو جڪڙي ٻي ٻس بنائڻ ٿي گهريو، تہ ڪن وري سندس پاسا چيري سندس سيني ۾ پٿر سيمنٽ ۽ لوهي سيخون هڻي کيس لولو لنگڙو ڪرڻ ٿي چاهيو. غلام رسول هر موقعي تي وجهہ وٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، هڪ پاڻيءَ جي جنهن ۾ ماڻهن لاءِ آزار ٿئي ۽ تباهي اچي ۽ ٻي رپين ۽ نوٽن جي ٻوڏ، جا انجنيرن جي ائڊريس پچائيندي سنڌن گهرن ۾ رسندي رهي ٿي. غلام رسول کي گهر ويهاري ۽ سنڌس کو جاءِ نشين مقرر نہ ڪري هڪ اهڙي قسم جو خال پيدا ڪيو ويو آهي جو هاڻ اسان کي درياه جي ارادن جي اڳواٽ خبر چار پوڻ ناممڪن آهي. هن مان هي شڪايت جو مطلب نہ ڪڍيو وڃي تہ کو غلام رسول کي پڳ ٻڌائي وڃي يا سنڌس خدمتن جو قدر ڪري ڪيس انعام اڪرام ڏنو وڃي. هر گز نہ. نيڪي ڪندي هٿ هر هڪ جا سڙندا آهن ۽ غلام رسول کو مٿان تہ نہ لٿو آهي جو سنڌس قدر قيمت ڪئي وڃي. ٿي سگهي ٿو تہ ائين ڪرڻ سان اسانجي انجنيرن جو رڪارڊ خراب ٿي پوي.

مقصد هي آهي تہ اهڙي قسم جي ماڻهن جي تلاش ڪئي وڃي يا ترغيب ڏيئي اهڙا انسان تيار ڪيا وڃن، جي درياه جي وضع قطع ۽ طبع کان واقف ٿين ۽ اهڙو پروگرام اڳواٽ رٿين جيئن سنڌ جا باشندا پنهنجي ئي محسن جي مستيءَ جو شڪار نہ بڻجن، جيئن گذريل سال ٿيو. درياه جو ڪجهہ ڪيو آهي ان لاءِ ڪيس کو مهٽو يا ميار ڏيئي نہ ٿي سگهجي. انجنيرن کي هي وڏي غلط فهمي آهي تہ هنن چوطرف بند ٻڌي درياه کي جڪڙي قابو ڪري ڇڏيو آهي، انهيءَ ڪري درياه هاڻ ٻي ضرر ٿي چڪو آهي. جي ان خيال جا آهن. تن شايد نہ درياه جون اهي ڳاڙهيون اکيون ڏٺيون آهن ۽ نہ وري درياه جي تواريخ يا سنڌس شجري کان ئي واقف آهن.

غلام رسول جو طريقو عجيب و غريب آهي. هو چوندو آهي تہ "سنڌوءَ" دنيا جي جملي درياهن کان مختلف مزاج درياه آهي. هو نہ فقط درياه جي جاگرافي ۽ تواريخ کان بخوبي آگاه آهي، پر ڪيس سنڌس هر ورروڪڙ ۽ هر گهٽ گهير جي پوري معلومات حاصل آهي. هو سنڌس هر نخري ۽ نازڪ مزاجي جي نبض سڃاڻندو آهي. سنڌس دعويٰ آهي تہ سنڌو پيار سان ضابطي ۾ اچي سگهي ٿو ۽ زبردستيءَ سان هر گز نہ. ڪيس گهيتاري سنڌس دل وٺي مٿس براجون ٿاهيو. سنڌس پاسن ۾ شگاف ڏيئي واه وهايو ۽ سنڌس پيٽ کي پٿر ٻڌي سنڌس وهڪري کي موڙيو. پر پيار، عقل ۽ ادب سان. پر هڪواري توهان تڪڙ ڪري پنهنجي هلندي هلائي ۽ خدانخواستہ هڪوار درياه بگڙيو تہ پوءِ ٻانهو ۽ ڏٽي.. اڳ جڏهن درياه رُسندو هيو ۽ پنهنجو پيٽ ڦيرائيندو هيو تہ سنڌ جو اهو سمورو پاسو هڪدم سڃ ۽ برپٽ بيابان ٿي ويندو هيو ۽ ان رخ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تهذيب ئي ختم ٿي ويندي هئي. اهوئي سبب آهي جو هيل سوڏو سنڌوءَ پنهنجا ايترا پيٽ ڦيرايا آهن جو اڄ سوڏو اسان ايترا ڪپڙا بہ تبديل نہ ڪيا آهن. جي سنڌس ڪاوڙجڻ ۽ رسڻ ڪري تباهي ۽ بربادي عمل ۾ آئي آهي، ان لاءِ سنڌ جي تاريخ جي ورق گرداني ڪيو تہ اوهان کي خبر پوندي تہ ڪهڙين ويهين سو ٿيندو آهي. جي اڄ سنڌ ۾ اڻ ڳڻيا اجڙيل ڦٽل، ڪنڊهر ۽ ڦٽل شهرن جا آثار موجود آهن تہ اهي پڻ سهڻي سنڌو جون موسمي مهربانيون آهن. بهتر ٿيندو تہ پنهنجي بچاءُ خاطر ۽ سنڌ کي تباهيءَ کان بچائي رکڻ لاءِ غلام رسول ميدان عمل ۾ آندا وڃن. سنڌن قدر ڪيو وڃي ۽ جڏهن سنڌن وقت پورو ٿئي تہ سنڌن جاءِ نشين مقرر ڪيا وڃن تہ جيئن درياءَ درياهي رهاڪن جو دوستانہ رشتو درياهي گهوڙن ذريعي زنده ۽ پائنده رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شدي ٿيندو. ڀنهي حالتن ۾ زندگيءَ جون سڀ سهوليتون سواءِ روزن رکڻ جي نهايت آسانيءَ سان ملي سگهيون ٿي. سومر نانوائيءَ جو اسانجي سموري سنگت ۾ مذهبي خيال رکندڙ آهي ۽ هميشہ ماني کائڻ وقت بسم الله پڙهندو آهي ۽ هڪ ڀيرو دفعا حج تي وڃڻ لاءِ پڻ ارادو ظاهر ڪيو اٿس ۽ هر اذان ٻڌڻ وقت "لبيڪ" چوندو آهي، تنهنڪري عثمان جي ملحدانہ ٻول تي سخت جوش آيو ۽ هڪدم ڪٽ تي چڙهي ٻيهي عثمان تي ڪفر جي فتويٰ جاري ڪيائين ۽ اعلان ڪيائين تہ عثمان جو منهن ڪارو ڪري ڪيس گڏہ تي چاڙهي گهمايو وڃي. عدوءَ موچي پيش ٿيل پروگرام جي مخالفت ڪندي ظاهر ڪيو تہ عثمان جو قدرتي طور منهن ڪارو هو، انهيءَ ڪري سندس منهن تي دانگي گهمائڻ بيسود هئي، ڇاڪاڻ تہ ماڻهو ائين سمجهندا تہ عثمان شايد منهن ڌوئي آيو آهي. ازانسواءِ ڪيس گڏہ تي چاڙهڻ عثمان لاءِ ڪا نئين ڳالهہ نہ هئي، ڇو تہ هو روزانو اهو ڪرتو ڪندڙ آهي. قصو ڪوتهہ آخر اهو ارادو ترڪ ڪيو ويو.

عثمان تي دوزخ جي عذاب ۽ بهشت جي اميدن جو ڪو خاص اثر ٿيندو نہ ڏسي، صفر پان ٻيڙيءَ واري، هڪدم هڪ پنهنجي دوست پوليس واري کي سڏايو. صفر جئن تہ پوليس جو پرمننٽ مشير آهي ۽ روزانو شاهديون ڏيڻ سندس هڪ "سائيڊ بزنيس" آهي، تنهن ڪري پوليس سان نہ فقط "معمولي رستو" بلڪ "پڪي سڙڪ" اٿس. پوليس واري جي اچڻ شرط صفر ڪيس پاسيرو ڪري اٺ آنا ڪن چاءِ پاڻي لاءِ ڏيئي، عرض ڪيو تہ عثمان کي روزي رکائڻ ۾ مدد ڪئي وڃي. عثمان، جو ، پوليس واري ڪان سخت ڊڄندڙ آهي ۽ ڪليو ڪلايو چوندو آهي تہ: انهن کي "ڀڳ بہ پرائي" پوءِ ڇو نہ ڪو شريف ماڻهو ڪائنن ڊڄي؟ پوليس واري پنهنجون "مارشل ٽائيپ مڇون" وڪوڙيندي عثمان کي ڌمڪي ڏني تہ روزي نہ رکڻ ڪري ڪيس نئين اسلامي قانون مطابق ٽَڪا بہ هنيا ويندا ۽ جيل پڻ ڏنو ويندو. لاچار ٿي عثمان آڻ مڃي ۽ وعدو ڪيو تہ هو آخري جمعي جو روزو ضرور رکندو. ڇا لاءِ آخري جمعي جو پلارو روزو ساري مهيني جي "ڪوٽا" برابر هو.

روزي رکڻ ۾ ڪان هڪ ڏينهن اڳ عثمان پنهنجي يارن دوستن وٽ وڃي ڪائن روئي ڳراٽڙيون پائي موڪلايو ۽ ڪين استدعا ڪئي تہ سندس ڪاڌو پيتو ۽ چيو آڪيو بخشيو وڃي. ڪيترن دوستن ڪيس ورجايو تہ روزو آخر ڪو شهتير يا لوهي گيدر ٿورئي هو جنهنجي رکڻ سان عثمان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرحين جون لالچون ڏيندو رهيو. ملان کيس صاف ٻڌايو تہ جيڪڏهن عثمان کي روزو قضا ڪرڻو آهي تہ هو سواءِ اذان ٻڌڻ جي پڻ ڪري ٿي سگهيو. پوءِ ٻانگ لاءِ ترسڻ جو مقصد؟

عثمان جي خواهش هيءَ هئي تہ ملان ڏينو اذان ڏئي جئن روزو ڇڄڻ جو بار سندس گردن کان ٽرانسفر ٿي ملان جي ڳچيءَ ۾ حائل ٿئي. ويچارو ملان عجيب ڪشمڪش ۾ اچي ڦاٿو ۽ جان ڇڏائڻ جي فڪر ۾ هو تہ عثمان ڏنڊو ڪڍي اچي سندس مٿان ڪڙڪيو. چيائين تہ "ملان منهنجي لاءِ هاڻ موت ۽ زندگيءَ جو معاملو آهي، جيڪڏهن هاڻ جو هاڻ اذان نہ ٿو ڏين تہ پوءِ تون قبرستان ۾ هوندين ۽ آءٌ يا روپوش هوندس يا جيل اندر." عثمان جي اکين ۾ خون جون علامتون ڏسي ملان ٽپو ڏيئي ممبر تي چڙهي ٻانگ شروع ڪئي. ملان اڃا ڪنن تي هٿ مس رکيا تہ عثمان پنهنجي کيسن ۾ پيل نقل ۽ ريوڙين کي رڙڪائڻ شروع ڪيو ۽ سندس چاپي جو ٺڪاءُ ائين ٿي محسوس ٿيو، ڄڻ تہ شرطي گهوڙو ڪچا چٽا چبي رهيو هو. اهو ڏينهن اهو شينهن وري عثمان روزي رکڻ کان ئي توبہ ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



منهنجا ڳوٺاڻي- جنب گذاريم جن سين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عدو موچيءَ جو راڳ سڪڻ

استاد عدو موچي ڪو عادي بنيادي ميراثي هر گز نہ آهي، جيئن عام طور سمجهيو ويندو آهي. دراصل عدوءَ جي وڏڙن جو اوائلي ڌنڌڙو جتڙيون ڳنڍڻ هو. اهو پيشو، پشت بپشت چند پيڙهين تائين چالو رهيو. ليڪن بعد ۾، پادرن جي پورهئي اندر ڪو خاص "فيوچر" نہ ڏسي، عدوءَ "موچڙن جي مرمت جو معاملو" ترڪ ڪري ملهہ وڙهڻ جو شغل شروع ڪيو. ملهہ ۾ عدوءَ خاصو نالو ڪڍيو ۽ هڪ ٻہ ناهوڪا ميل مڙسيءَ سان مات ڪيائين. "نوبت بہ اينجا رسيد"، جو ترُ اندر ڪنهن بہ جهڙي تهڙي ملهہ ڪي مجال نہ ٿيندي هئي جو عدوءَ سان سندرو ڪري. ڪيترا ڀيرا تہ عدوءَ کي هيئن بہ چوندو ٻڌو ويو هو تہ "ڪنهن ٻنٹي اهڙو ايا ٻچڙوئي نہ ڄڻيو هر جو سندس پٺي پٽ لڳائي".

پر چوندا آهن تہ تڪبر هميشہ ڪنڌ ڀڃيندڙ آهي، سو هڪ ڀيري، ٻنائي گهوٽ جي ميڙي تي، عدو بہ ڪنهن شيدي ٻٽونگي جي ڊاڪ تي چڙهي ويو، جنهن مٿين تيَ ڪٽي، ڦيرائيون ڏياري، وچين ڏيئي، آٽي جو هيس پٽ تي، تہ مڙس ڏندڻجي ويو! ڏندڻ ڀڳا، ترپون مهٽيون، تڏهن وچي عدوءَ جي لنونڊڙين لنوڻ شروع ڪيو. ورنہ ائين ٿي ڪرڙيون هنيائين ڄڻ ڪنهن ڀنگ ويٺي چاڻي. سامت ۾ آيو. سانپر ٽيس تہ ڪنڌ ۽ ڪنڌو ضربيل بہ عدد پاسريون ٽاٽيل ۽ ڪاٻي ٻانهن ڦٽيءَ وٽان بہ ٽُڪر ٽيل هئي.

اهو ڏينهن اهو شينهن، وري ڪنهن بني بشر عدوءَ کي سندرو ڪندي اکين نہ پسيو. عدوءَ تي گهڻا زور بار آندا ويا، ۽ ڪيس آزيون نيازيون ڪري ڪافي ڪجهہ سمجهايو ويو، تہ سندس مَلهہ هڪ ٻي بها آرٽ هو ۽ ان جي خاتمي سان قومي ڪلچر کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو، ليڪن عدو تہ چار ماہ هڪ هنڌ تي ڇيچلايو هو ۽ مسين مسين سندس زخم انگوريا هوا، تنهن ڳيسيون ڪندي اعلان ڪيو تہ "مَلهہ وارو عدو مري چڪو ۽ هاڻ هو راڳ سکندو. جنهن ۾ نہ ڌڪ اچي نہ عضوو ڪري ۽ نہ وري ڪو طبيبن تاتُ پئجي."

پوءِ عدوءَ اچي راڳ تي مارو ڪيو. راڳ بہ وائڙو سائڙو يا ڳوٺاڻي "الوميان" نہ، بلڪ ٺيٺ سگهڙاسي سنگيت. پڪي ڳاني تي طبع آزمائي فرمائيندي عدو جملي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. صبح سانجهي، رات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڌ رات، هڪ ڪري ڏنائين. اٿي وٺي، ڪاڏي پيتي، عدوءَ جي "سرگرم پڏني سا" ۽ دادا ڳڙ ڳڙ ٺا." اهڙو اچي ممڻ مچايو، جو پاڙيوارن جي ننڊ آرام زهر ٿي پيو. ريزڪي نقصانن جو تہ ڪو اندازو ئي نہ هو. بهاول ناڙيوال جي واڙي ۾ ٽن مينهن کير ڏيڻ کان نابري واري. سائين جعفر شاهہ جو پاڙي جو پريو مڙس هو تنهن ويچاري کي راڳ ٻڌڻ شرط دلهول ٿي پيو ۽ هو عدوءَ جي راڳ کان بچڻ لاءِ پنهنجين ڪنن ۾ ٽاٽ جون ٻجيون وجهي، مٿان ڪٽڪ جو ڳوهيل اٽو ٿڦي ڇڏيندو هو. الاهي جان سپائي جي ننڍڙي نينگر کي ديهڙو ٿي پيو، ۽ سندس ڳچي ۾ ايترا تہ تعويذ ۽ دعائون مڙهائي ڇڏيون ويون جو غريب ڇوڪرو اٺي پهي ڳهڻ بجاءِ ٻانبڙا پائي رڙهندو ٿي رهيو. نانءِ ساران جا رناٽو جهيڙو ڪرڻ وقت، ڪوٺي تي چڙهي، ماٺهن کي ڪچيون گاريون ڏيندي هئي، سا عدوءَ جي آلاپ ڪنين پوندي ئي ڏاڪڻ تان ٿهڪو ڏيئي هيٺ ڪري پئي ۽ ست ڏينهن سانده سڪرات ۾ پيئي، ٻنهي جهانن درميان لڙڪندي رهي ۽ آخر ۾ انهن ڏينهن منهن ڪوڙو ڪري اڳين جهان وڃڻ جو فيصلو برچشم ڪري لاڏاٽو ڪيائين.

پاڙيوارن مجبور ٿي پنچات سڏائي. هي فيصلو ڪيو تہ عدوءَ کي "گونڊا ايڪٽ" ۾ اڙائڻ لاءِ ڪليڪٽر کي درخواست ڪئي وڃي يا وري عدوءَ جو حقو پاڻي بند ڪري کيس پٽ برادريءَ مان خارج ڪيو وڃي. عدوءَ کي اڳواٽ ڳڙڪ پئجي ويئي جنهن منٿون ڪري پنچات پرچائي ۽ لکت ۾ ايگريمينٽ ڪئي تہ هو آئنده پاڙي ۾ شريف ٿي رهندو ۽ ڪڏهن بہ پنهنجو راڳ ڳائي پاڙيوارن جي ڪنن جو سور ثابت نہ ٿيندو.

ٻئي ڏينهن عدو پنهنجو يڪتارو ڪلهي تي کڻي وڃي خانصاحب ڳامڻ خان جا ڪونرا ڏوئڻ شروع ڪيا، جنهن فيض ۾ رنگي ڇڏيس. فن جي ڪمال جي حالت هي هئي. جو عدوءَ جي مرڪ ۽ ميند ڪلاڪن جا ڪلاڪ جاري رهندي هئي ۽ مٿس غشي ۽ غنودگي اهڙي طاري ٿيندي هئي، جو امروٽ جا سادات کيس ڇتي ڪتي جو ڏاڙهيل سمجهي مٿس سائي چادر وجهي ويندا هئا.

راڳ جي تحصيل ڪرڻ بعد عدوءَ، استاد جا قدم چمي اجازت وٺي واپس اچي پنهنجي ڳوٺ وارد ٿيو. قضا الاهي جو ساڳئي ڏينهن شادي هئڻ ڪري کيس شام ڏاري راڳ ڳائڻ لاءِ مدعو ڪيو ويو ۽ ان سلسلي ۾ کيس ٢٥ رپيا پيشڪي پڻ ڏني ويئي.

ٺيڪ وقت تي وارد ٿي،. عدوءَ محفل جو معائنو ڪيو. حشام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنبازي ڪرائي ڪتن جا ڪنڪ تاريا، ورنہ ڪو وڏو ممڻ مچي پوي ها".

سمورو الزام گهوٽيتن تي مڙهيو ويو، جن عدوءَ ڪي ڪانڊي، هي مصيبت ملهہ خريدي هئي. گهوٽيتن جڏهن ڏٺو تہ عدو کين ڏاڍو مهانگو پيو هو جو شادي غميءَ ۾ تبديل ٿي چڪي هئي، سو عدوءَ ڪي پاسي پر وٺي وڃي، چڱڙي ڦيهہ ڪڍيائونس.

عدو نهايت دل شڪستہ ٿي واپس گهر وريو ۽ پڪو پرڻ ڪري ڇڏيائين تہ آئنده هو بد ذوق ۽ بي قدر ملڪ ۾ اوچي فن جو مظاهرو هر گز نہ ڪندو. ليڪن راڳ، جو عدوءَ جو رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪو هو سو ڪيئن ٿو ڪنٽرول ۾ اچي! دراصل عدو ۽ راڳ هڪ ٻئي ۾ "ون يونٽ" ٿي چڪا هوا. عدوءَ جي "شڪارپوري توڙي" تہ ان حد تائين مقبول ٿي چڪي هئي جو ڪيس مقامي ميٽرنٽي هوم (وير گهر) طرفان پنجاہ رپيا ماهوار معاوضو فقط هن لاءِ ڏنو ويندو هو تہ هو وير گهر ٻاهران راڳ ڳائيندو رهي. ۽ جنهن جو نتيجو هي نڪرندو هيو جو "ڳور هاري" عورتن کي راڳ باعث، وير ۾ ڪا تڪليف نہ ٿيندي هئي ۽ سندن وير جا سور عدوءَ جي آلاپن جي شور و غل ۾ ڪافور ٿي ويندا هئا. ڪن حالتن ۾ جڏهن ڪنهن مريض کي ٻئي ڪنهن ذريعي ڦٿہ (الٽي) ڪرائڻ ۾ ڊاڪٽر ناڪامياب ٿيندا هوا، تہ عدوءَ جي "شڪارپوري توڙي" ٻن منٽن ۾ مريض جو چار ڏينهن اڳ جو هضم ڪيل کاڌو بہ ڦٿہ ٻاهر ڪڍڻ لاءِ هڪ تڪ علاج ثابت ٿيندو هو. عدوءَ جي "موچڪي پيروي" بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئي ۽ ننڍن ٻارڙن جي ڊيڄڙي لاءِ اڪثر علاج هئي. هر روز سوين ڪراڙيون عورتون، پٽ پوٽڙا ڪڇن تي کڻي آئي فيضياب ٿينديون هيون. ليڪن شفا لاءِ هي ضروري هو تہ ٻار کي ڊيڄڙو ٿيندڙ هجي، ورنہ چڱي ڀلي ٻار کي راڳ ٻڌڻ شرط وري ٻيٽو ڊيڄڙو ٿي پوندو هو.

عدوءَ جو "مالڪوس" بہ ڪو گهٽ اثر وارو راڳ نہ هو. سموري تر جا ڪاسائي سندس مالڪوس ٻڌڻ لاءِ هر وقت شائق رهندا هوا. راڳ ٻڌڻ وقت محسوس ائين ٿيندو هو ڄڻ ڪنهن ڪوس گهر اندر چاليهارو ڪن ٻڪرن کي هڪ وقت تي تڪبير وڏي وٺي آهي! ديس يعنيٰ سورٺ راڳڻيءَ تي تہ عدوءَ کي ايترو عبور حاصل هو جو "ها" ڪرڻ شرط پاڙي جي ڪنيرن جا گڏہ باجماعت عدوءَ جي آواز سان آواز ملائي ايڏيون تہ هينگون ڪندا هوا، جو ان اراضيءَ ۾ مهاجرن، لڏي ويل واڻين جي جاين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڪري عدوءَ پبلڪ راڳ جي پچر ڇڏي ڏني. هر روز چار پنج ميل پنڌ ڪري پر واري جهنگل جي ٻوڙن ۾ ويهي، راڳ جي ڪسرت ڪندو رهيو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ روح رهاڻ ۾ مشغول رهندو هو. ڪنهن وچي راڻيپور واري پير سائينءَ کي شڪايت ڪئي ته سندس سوئر ٻيلي مان ٽاهيا وڃن ٿا، ۽ اگر عدوءَ جو راڳ ٻه ڏينهن ٻيا جاري رهيو ته جهنگ جانورن کان خالي ٿي ويندو. پير سائين، جيڪو وڏي پيماني جو شڪاري هو ۽ سوئرن سان سندس خاص دلچسپي هوندي هئي، عدوءَ واري سازش جي خبر پوڻ شرط، عدوءَ کي جهنگ مان گهرائي، خالي ڪنديءَ ۾ بند ڪرائي، ڳاڙهن مرچن جو دونهون ڏياريو. ويچارو عدو اڌ مئو ٿي پيو. جڏهن کيس ٻاهر ڪڍيو ويو ته ڪجھ ڏينهن ته ڪٽ تي ئي ڪنگهندو رهيو، جڻ "ڪالنگڙو ۽ پوريا" خيال ڳڏي ڳائي رهيو آهي. پنجن ريين جي دوا ۽ قودني ڪائڻ ۽ ٻه ٽي واري ٻنا " ريگ مال" رڙڪڻ بعد، عدوءَ جي نڙي مس مس وڃي راس ٿي ۽ ساڳي سطح تي پهتي.

هاڻ عدوءَ لاءِ باقي هڪ رستو هي ڪليل هو ته ريلوي اسٽيشن تي راڳ ڳائي پنهنجو پيٽ گذران به ڪري ۽ پنهنجي خداداد ڏات کي هر پاڪستانيءَ جي ڪَن تي سهولت سان پهچائي. ان سلسلي ۾ عدوءَ کي ڪو گهڻو وقت انتظار ڪرڻو نه پيو. ڇاڪاڻ ته عدوءَ جي شهرت پنهنجو ملڪ ته درڪنار، پر ست سمنڊ پار پڻ پهچي چڪي هئي. آخر هڪ ڏينهن الله جو اهڙو آيو جو استاد عدوءَ کي آل پاڪستان ريڊيو تي ڳائڻ لاءِ نينڊ ڏني ويئي، جا عدوءَ طرفان قبول فرمائي ويئي. پروگرام مطابق سنيري عدو ريڊيو اسٽيشن تي اچي وارد ٿيو ۽ مائڪرو فون کي منهن ڏيئي پنهنجو مشهور راڳ "پيلو" شروع ڪيو. دراصل هن رنگا رنگي راڳ کي "اندلٽ" سڏيو ويندو آهي. پيلو فقط شروعات ۾ آلا پيو ويندو آهي، بعد ۾ ڪاري نيري سائي ڳاڙهي کان ٿيندو فيروزي ۽ طوطائي رنگ تائين هلندو آهي، جيستائين ٻڌندڙ ماڻهن جو اچو منهن ٿي وڃي. ڪي ماڻهو هنڪي اڌ رنگو به چوندا آهن ۽ سندس خاص اثر هي آهي جو ويجهو ٻڌندڙ کي "اڌ رنگو" ضرور ٿيندو آهي. خيال جا ٻول هوا:.

"ڪونهي يار منهنجي جو ڪو مٽ زي اديون
توڙي آءُ هجان چري چرپٽ زي اديونا"

راڳ جي شڪل ٺاهي، منجهس رنگ پريندي، عدوءَ "چرپٽ" تي اچي پلٽو هنيو، ۽ پوءِ چر چر مان گر گر گر تي اچي، گور پٽ تي زور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ٻانڊ خان پٺاڻ

(ص-75)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عدو موچيءَ جو حڪيم ٿي قسمت آزمائڻ

جڏهن کان عدو موچيءَ حڪيم عبدالرحمان ٻٽجي، ڪٽر جي منيءَ ۾ شفاخانو کولي حڪمت جو ڌنڌو شروع ڪيو ته ان ڏينهن کان وٺي، ڳوٺ جي ماڻهن پنهنجا شخصي جهيڙا جهٽا، مارا ماري يا خون خرابي ذريعي نبيرڻ کان بس ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ جو عدوءَ جي هوندي ڪنهن به بني بشر کي لٺ بازي هٿڻ جي ضرورت ئي درپيش نه ٿي آئي. جنهن ماڻهوءَ سان دشمني نباهڻي هوندي هئي، ته انکي عدوءَ جي علاج لاءِ آماده ڪيو ويندو هو ۽ پوءِ، سندس باقي ڪم پاڻهي تمام پيو ٿيندو هو.

عدوءَ جي اهڙي هٿ شفا جو فائدو وٺي، ڪيترن ڳوٺ وارن پنهنجي گهرو ڪراڙن ۽ ڪراڙين کان فراغت حاصل ڪئي، جن ۾ اڪثريت سندن سسن ۽ سهرن جي هئي. ٻن زالن جا ور ته عدوءَ جا خاص گراهڪ هوندا هئا. ۽ ٿوري ئي عرصي اندر پنهنجي ايڪسٽرا حياتي جي ساٿين جو علاج ڪرائي ڪائن پلوَ آجا ڪرائي، سنئون سڌو هوائي جهاز ذريعي حج تي اُسهندا هئا. ۽ گناه بخشائي نئين سنئين جتي ستي ٿي، واپس وطن ورندا هئا.

ٿورڙي ئي عرصي ۾ عدوءَ جي حڪيمانه شهرت ملڪان ملڪ مشهور ٿيندي رهي ۽ پري پري کان ماڻهو ڪشالا ڪڍي، وٽس اچي سهڙندا هئا ۽ سندس افلاطوني علاج عمل ۾ آڻي پنهنجا هنياءُ ٺاريندا هئا. ائين به هرويرو صحيح نه هو ته ڪو عدو وڏن ڊاڪٽرن جيان ڳريون فيون حاصل ڪري، پوءِ مريضن کي پرلوڪ پارسل ڪندو هو. هر گز نه. اڪثر ڪري سندس معائنو ۽ مشورو في سبيل الله هوندو هو. البت ني عضوي ڪارڻ لاءِ جوڙو رپين جو ۽ هول سيل هٿ شفا لاءِ ڏهاڪو رپيا، مس وٺندو هو. لالچي نه هئڻ ڪري عوام جو منجهس ايتري قدر اعتقاد هوندو هو، جو مريض کي ڏيکارڻ سان گڏو گڏ سندس غزيز قريب ڪفن ۽ دفن جو سامان سڙو به وٺي رکندا ها، ڇاڪاڻ ته دوا اُٽر هئڻ ڪانسواءِ "هڻ ڪڍ" جيان ترت تاثير پڻ رکندڙ هئي.

عدو، اُمي قسم جي حڪيم هئڻ ڪري ۽ علم سان خانداني عداوت باعث، فقط اندر جي سوجهري تي حڪمت هلائيندو هو. سندس علمي معلومات به نورنامي جي پڙهڻ تائين محدود هئي. انساني جسم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بہ ڪيس ايتري چاهہ هئي جيتري خانبهادر کهڙي کي مالڪوس راڳ جي. پر تڏهن بہ جيئن موسيقيءَ جي سڌ نہ هوندي بہ خانبهادر راڳ ڪانفرنس جي صدارت ڪندو پئي رهيو آهي، تئن عدو موچي بہ لم ٽپ تي ڪمر ٽپائيندو ٿي رهيو. سندس ڪامياب حڪيم هئڻ جو هي ڪافي ثبوت هو جو سندس ذهن مهينن جي حڪمت اندر، ڳوٺ جي مقام جي اراضي ۾ ايڪڙن کان وڌندي وڃي پنجن ايڪڙن تي رسي هئي.

عدوءَ پنهنجي طبابت جو آغاز ڪئوڙي تيل جي استعمال سان ڪيو. وات ويندي عثمان حجم کان ٻڌو هئائين تہ ڇانيي جو تيل ٣٢ مرضن تي پوندڙ هو. مٿي جي سور لاءِ تہ عدو کي پنهنجو شخصي آزمودو پڻ هو، ليڪن باقي ٣١ مرض ڪهڙا هئا، تنهنجو پتو ڪيس بہ ڪونہ هو. بهرحال، جنهن بہ سائس پنهنجي طبع ناسازيءَ جو احوال ٿي ڪيو تہ هڪدم انکي ڪئوڙي تيل جي فائدي کان آگاهہ ٿي ڪيائين، سندس طبابت جو اولين شهيد سومر نانوائي هو، جنهن غريب کي ورهين کان موڪن جي تڪليف هئي ۽ ٻاروهي نيري ڳوڏ ٻڌيو دڪان جا ديڳڙا ڪڙڪائيندو ڏٺو ويندو هو. عدوءَ سومر جي شڪايتن کان بخوبي واقف هو. ڇاڪاڻ تہ سومر پنهنجي مرض جي ايتري قدر پبلسٽي ڪئي هئي جو سندس موڪا سندس دڪان جي نان ڪباب کان زيادہ مشهور هئا.

وجهہ وٺي عدوءَ سومر سان شرطيہ علاج لاءِ ڳالهہ ڇوري ۽ ڪيس رازدارانہ لهجي ۾ واضع ڪيائين تہ وٽس هڪ ڪن ڦاڙ جوڳيءَ جو ناياب نسخو هٿ آيل هو، جنهن باعث سمورو سالن جو مرض هڪ گهڙيءَ اندر دفع ٿي ٿيو. سومر نانوائي عدوءَ جي ڏس تي هر ڪجي ڪيس ڇهہ آنا روڪ ۽ ٻڪري گوشت جي سنگل پليٽ ڪارائڻ عيوض ڇانيي جي تيل جي شيشي حاصل ڪئي. عدوءَ ڪيس دوا جي جاءِ واردات تي لائڻ لاءِ شروعاتي هدايتون ڏنيون ۽ پرهيز بابت ڪيس ٻڌايائين تہ ڏڌ، مڇي ڪناڻ ۽ اڪڙ هر گز نہ کائي. اڪڙ ڇو نہ کائي؟ اها پوري خبر عدو کي خيرڪا هئي، پر ڇاڪاڻ تہ اڪڙ پاڻ کي نہ وڻندي هئس ان ڪري سومر کي بہ منع ڪري ڇڏيائين.

سومر نانوائي جي دوا لائڻ ۽ دوا جي اثر جي خبر مون کي ٻئي ڏينهن سومر جي تڏي تي پيئي، جتي آءٌ عذر خواهيءَ لاءِ اُسهيل هيس. سومر جي وڏي پاءُ آچر اکين مان نير وهائيندي احوال اوريو، تہ ڪالهہ ٽيهري ڏاري، مرحوم سومر ننڊ ڪري اٿيو ۽ پوءِ مرحوم هٿ منهن ڌوتو ۽ مونکي چيائين تہ ادا آچرا پاڻي پري ڏي. مون ڪيس پاڻي پري ڏنو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سنڌ ۾ بيباڪي ۽ جرئت سان جيڪي ماڻهو لکي پنهنجي قلم جي عزت ۽ آبرو سلامت رکيو اچن، انهن ۾ علي احمد بروهيءَ جو نالو فوري طور ذهن ۾ ٿو اچي. هو سماج جي هر برائيءَ تي چٿر ڪري، ان کي پنهنجي تحريرن ذريعي اسان جي اڳيان آڻي ٿو. وٺائي فقير جا ڳڻتا اڄ به اسان جو اثاثو آهن، جن ۾ طنز ۽ چٿر ذريعي هر برائيءَ ڏانهن آڱر کنيل آهي.

بروهي صاحب جون تحريرون پڙهي لڳندو آهي ته هو اسان جي ان درويش جو پيو جنم آهي ۽ اسين سمورا ان جي دور انديشي، علم، عقل ۽ ڏاهپ کي پنهنجي دور ۾ ڏسي رهيا آهيون، اها اسان جي خوشنصيبي آهي.

ناز سنائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com